# خريداري ۽ وڪري جون ڪجھ احتياطيون

**24-November-2022**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

24 نومبر،2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# خريداري ۽ وڪري جون ڪجھ احتياطيون

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگھندؤ...

✿... هڪ ڪِريل کُجور کائڻ جو وبال

✿... زريداري ۽ وڪري ۾ احتياط ڪريو!

✿... دل چمڪائڻ واري بنيادي شيءِ

✿... سامان جو عيب لڪائڻ جو عذاب

✿... تجارت ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ جا عذابَ

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللّٰہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللّٰہ
اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللّٰہ وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللّٰہ

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درود شريف جي فضيلت

حضرت عبدُ الرَّحمٰن بن عَوّف رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کان روايت آهي: هڪ ڏينهن نبين جي سردار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن دولت خاني (يعني گهر مبارڪ) مان باهر تشريف ڪٺي آيا ۽ هڪ باغ ڏي رخ فرمايائون، حضرت عبد الرَّحمٰن بن عوف رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ ڏنو تہ پويان پويان هلڻ لڳا، پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن باغ ۾ داخل ٿيا، ڪعبي ڏي منهن ڪيائون ۽ مٿو سجدي ۾ رکي ڇڏيائون، حضرت عبد الرَّحمٰن بن عوف رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ پري کان بيهي ڏسندا رهيا، فرمائن ٿا: بيڪسن جي مددگار، سرڪارِ عالي وقار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن تمام ڊگهو سجدو ڪيو، ايسيتائين جو مون کي خوف ٿيڻ لڳو تہ ڪٿي سجدي جي حالت ۾ ئي الله پاڪ رُوّح مبارڪ قَبۡض نہ فرمايو هجي، هي خيال ايندي ئي مان اڳتي وڌيس، منهنجي قدمن جو آواز ٻڌي ڪري پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن مٿو مبارڪ مٿي ڪنيو، پڇيائون ڪير؟ مون عَرَض ڪيو: حضور! عَبدُ الرَّحمٰن. فرمايائون: ڪهڙو ڪم آهي؟ مون عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم توهان ايڏو ڊگهو سجدو ڪيو، مون کي خوف ٿيو تہ ڪٿي الله پاڪ سجدي ۾ ئي روح مُبارڪ قبض نہ فرمايو هجي عاشقِ زار جي محبت واري ڳالھ ٻڌي ڪري الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي، محمّدِ عربي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ڊگهي سجدي جي حڪمت بيان ڪئي، فرمايائون: مون وٽ جبريلِ اَمين عَلَیْہِ السَّلَام حاضر

تيو ۽ ٻڌايائين: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! الله پاڪ فرمائي ٿو: اي محبوب! جيڪو توهان تي دُرود پڙهندو، مان ان تي رحمتون نازل فرمائيندُس، جيڪو توهان تي سلام موڪليندو، مان ان تي سلامتي نازل ڪندُس. اُن نعمت جو شڪر ادا ڪرڻ جي لاءِ مون ايڏو ڊگھو سجدو ڪيو.

(مسندِ اَحْمَد، جلد:1، صفحہ:522، حديث:1686)

الله اڪبر! اي عاشقانِ رسول! غور ڪيو! ۞ دُرود ڪنهن ڪي پڙهڻو آهي؟ اُمّتيءَ ڪي ۞ رحمت ڪنهن تي نازل ٿيندي؟ اُمّتيءَ تي ۞ سلام ڪنهن ڪي موڪلڻو آهي؟ امّتيءَ ۞ الله ڪريم جي سلامتي ڪنهن تي نازل ٿيندي؟ امّتيءَ تي ۞ شڪر جو سجدو ڪير ادا ڪري رهيو آهي؟ امّت جي غم ۾ رهڻ وارو، شفاعت فرمائڻ وارو، امّت ڪي بخشائڻ وارو، جنّت ۾ پهچائڻ وارو آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ...! سُبْحٰنَ اللّٰه! اندازو لڳايو! اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪي پنهنجي امّت سان ڪيترو پيار آهي. الله! الله! امّت گناهه ڪري، آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ راتيون روئي، روئي ڪري گزارين، امّت ڪي نعمت ملي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ شڪر جا سجدا ڪن. اعلٰي حضرت جا ڀاءُ، مولانا حسن رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا:

تم کو تو غلاموں سے ہے کچھ ایسی محبت | ہے ترکِ ادب! ورنہ کہیں ہم پہ فدا ہو

( ذوقِ نعت، صفحہ:211)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

وضاحت: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! توهان ڪي پنهنجن غلامن سان ايڏي محبّت آهي، هي ادب نہ آهي نہ تہ اسان چئون توهان پنهنجن غلامن تي فِدا آهيو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيَّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الۡحَسَنَةُ تُدۡخِلُ صَاحِبَهَا الۡجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

**اي عاشقانِ رسول!** سنين سنين نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ۞ اَدَب سان ويهندس۞ بيان دروان سُستي کان بچندس ۞ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪِريل هڪ کُجور (ڪَتَل) کائڻ جو وبال

هڪ تمام وڏا ۽ مشهور ۽ معروف وليُ الله گذريا آهن: حضرت ابراهيم بن اَدْهَم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سندن زندگيءَ جو ڪافي حصو سفر ۾ گذاريو، فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان بيتُ المقدّس (يعني مسجدِ اقصٰي) ۾ رات گذاري، مون ڏٺو: رات جي ڪنهن پهر ۾ اتي ٻه فرشتا آيا، انهن مان هڪ فرشتي ٻئي کي چيو: هتي ڪهڙو انسان آهي؟ ٻئي چيو: هي ابراهيم بن اَدْهم آهن. پهرين فرشتي چيو: اهي ابراهيم بن ادهم...!! انهن کي ته هاڻي سندن درجي کان هٽايو ويو آهي. ٻئي فرشتي پڇيو: ڪهڙي سبب؟ پهرين فرشتي چيو: هڪ ڀيري ابراهيم بن ادهم بصره ۾ هئا، انهن هڪ دڪان تان کُجورون خريد ڪيون، جڏهن اهي کُجورون وٺي ڪري وڃڻ لڳا ته ڏٺائون: هڪ کُجور ڪِريل پئي آهي، اهي سمجهيا ته شايد هي منهنجي کُجور ڪِري پئي آهي، لهٰذا انهن اها کُجور کڻي ڪري کائي

[1]... مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

ڇڏي، ڇوتہ کُجور انھن جي نہ بلڪ دڪاندار جي ھئي انھن ٻئي جي کُجور ڪائي ڇڏي ھئي، لھٰذا اللہ پاڪ سندن کي ان درجي تان مُعزول فرمائي ڇڏيو.

حضرت ابراھيم بن اَدْھَم رَحمَۃُ اللہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون ملائڪن جي ھيءَ گفتگو ٻڌي تہ فوراً بصره پھتُس، ان دڪاندار کي سندس کُجور واپس ڪئي ۽ موٽي آيُس. رات ٿي تہ ٻيھر مون 2 ملائڪن کي ڏٺو، اھي پاڻ ۾ گفتگو ڪري رھيا ھئا، ھڪَ ٻئي کي چيو: ھي اھو ئي ابراھيم بن ادھم آھي، جنھن کُجور جي مالڪَ کي کُجور موٽائي ڏني تہ اللہ پاڪ کيس ٻيھر ساڳيو مقام عطا فرمائي ڇڏيو.

(تفسير روح البيان،پاره:4،سورۂ آلِ عمران،زيرِ آيت:179 ، جلد :2،صفحہ :136 ـ)

اللہ پاڪ جي انھن تي رحمت ھجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللہُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ. اچو! اللہ پاڪ جي حضور دعا ڪيون ٿا:

محبّت میں اپنی گُما یااِلٰہی!
نہ پاؤں میں اپنا پتا یااِلٰہی!

مرے دِل سے دُنیا کی چاہت مٹا کر
کر اُلفت میں اپنی فنا یااِلٰہی!

تُو اپنی وِلایت کی خیرات دیدے
مرے غوث کا واسِطہ یااِلٰہی!

بنادے مجھے نیک نیکوں کا صَدقہ
گُناہوں سے ہر دَم بچا یااِلٰہی!

(وسائلِ بخشش، صفحہ :105 ملتقطًا ـ)

## اولياءِ ڪرام تي اللہ پاڪ جي خاص ڪرم نوازي

اي عاشقانِ رسول! اولياءِ ڪرام جا بہ نرالا شان آھن...!! ھي وڏي مرتبي وارا حضرات گناھن کان معصوم ناھن ھوندا البت محفوظ ضرور ھوندا آھن،

معصوم صرف انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام ۽ ملائڪ آهن، اولياءِ ڪرام معصوم ناهن، انهن کان بہ گناھ ٿي سگھن ٿا پر الله پاڪ جي پنهنجي محبوب ٻانهن تي خاص ڪرم نوازي هوندي آهي، انهن کان جيڪڏهن ڄاڻي واڻي يا بي خبريءَ ۾ ڪڏهن ڪا خطا ٿي ئي وڃي تہ ڪين انهن جي خطا کان آگاھ ڪيو ويندو آهي ۽ هي فوراً توبھ ڪري گناھ جي ناپاڪي کي پاڻ کان پري ڪري ڇڏيندا آهن.

الله پاڪ سيپارو: 9، سورة اعراف، آيت: 201 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ الَّذِیْنَ اتَّقَوْا اِذَا مَسَّهُمْ طٰٓىٕفٌ مِّنَ الشَّیْطٰنِ تَذَكَّرُوْا فَاِذَا هُمْ مُّبْصِرُوْنَ ۚ﴿۲۰۱﴾

(سيپارو: 9، سورة اعراف، آيت: 201)

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ پرهيزگارن کي جڏهن شيطان جي طرف کان ڪو خيال ايندو آهي تہ اهي (خدا جو حڪم) ياد ڪندا آهن پوءِ انهيءَ وقت انهن جون اکيون کُلي وينديون آهن.

مشهور مفسرِ قرآن، حڪيمُ الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن آيت جي حوالي سان فرمائن ٿا: مومن متقي جي فطرت شيطاني وسوسن ۽ ابليسي خيالن کي قبول ناهي ڪندي، جيڪڏهن مومن کي هي شيون (مثال طور شيطاني وسوسا، ابليسي خيالات، ڄاڻي واڻي ڪري يا بي خبريءَ ۾ ڪا خطا وغيره) پيش اچي وڃن تہ الله پاڪ جي طرف کان ڪين اها خطا ياد ڏياري ويندي آهي، ايئن هي ان ناپاڪي کان پاڻ کي پاڪ ڪري وٺندا آهن. مفتي صاحب وڌيڪ فرمائن ٿا: مومن مُتقي ملائڪن جي جماعت مان آهي جو ان جي ۽ فرشتن جي فطرت هڪ جهڙي آهي، هي حضرات بشري صورت، مَلڪ سِيرت (يعني ڏسڻ ۾ انسان ۽ سيرت ۾ ملائڪ صفت) هوندا آهن.

(تفسير نعيمى ،پاره :9 ،سورۂ اعراف،زيرِ آيت :201 ، 202 ،جلد:9،صفحہ:460 بتغير قليل۔)

الله پاڪ اسان کي اولياءِ ڪرام جو فيضان نصيب فرمائي، ڪاش! اسان کي

بہ تقوٰي جي دولت ملي، اسان گناھن کان بچون ۽ نيڪين واري زندگي گذارڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِيۡن صَلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

دے حُسنِ اَخلاق کی دولت
مجھ کو خزانہ دے تقویٰ کا

کر دے عطا اِخلاص کی نعمت
یا اللہ! مری جھولی بھر دے
(وسائلِ بخشش،صفحہ:123۔)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## خريداري ۽ وِڪري ۾ احتياط ڪريو!

اي عاشقانِ رسول! اسان حضرت ابراھيم بن ادھم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ جو ايمان افروز ۽ سبق آموز واقعو ٻڌو، ان مان اسان کي خبر پئي ٿي تہ دين ۾ خريداري ۽ وڪري جي ڪيڏي اھميت آھي. ٿورو غور فرمائيندا! حضرت ابراھيم بن ادھم رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡہ ولايت جي بلند ترين مرتبي ۽ مقام تي فائز ھئا، سندن انھيءَ مقام ۽ مرتبي جي ڪري پاڻ کي **سلطان ابراھيم** بہ چيو ويندو آھي، ايڏي وڏي ڪامل ولي کان خريداري جي دوران اھو بہ بي خبريءَ ۾ صرف ھڪ خطا ٿي وئي، زمين تي ڪِريل کُجور جيڪا انھن جي نہ ھُئي، دڪاندار جي ھئي پر سندن پنھنجي سمجھي ڪري کٽي ورتي، ان ھڪ کُجور جي ڪري سندن درجات ۾ گھٽتائي ڪئي وئي.

ھاءِ! اڄ ڪلھ اسان وٽ تہ حال ئي بي حال آھي❁ ماڻھو بنا پڇڻ جي ٻين جون شيون ڦٻائي وٺندا آھن ❁ گِراھڪ دڪاندار کي ۽ دڪاندار گِراھڪن کي دوکو

ڏئي رهيا هوندا آهن ❁ ڪڏهن نوٽن جي دستي ۾ نقلي نوٽ لڪائي ڪري دڪاندار کي پڪڙائي ڇڏيندا آهن دڪاندار جون شيون کڻي ڪري ناحق ڪاڏيون ويندا آهن ❁ سبزين ۽ فروٽ جي گاڏن تان خاموشيءَ سان ڪجھ نہ ڪجھ کڻي ڪري پنهنجي ٿوڪريءَ ۾ وجهي وٺندا آهن. هڪبئي جا جوتا بغير اجازت جي استعمال ڪرڻ، يا پنهنجا جوتا رکي ٻئي جا جوتا پائڻ کي تہ شايد بُرو ئي ناهي سمجهيو ويندو، هي تمام تڪليف ڏيندڙ معاملو آهي، روزانو جا ڪيئي ٻيا بہ اهڙا معاملا آهن جن ۾ بنا اجازتِ شرعي ٻين جون شيون استعمال ڪرڻ کو عيب ناهي سمجهيو ويندو، ڪڏهن ڪڏهن دڪاندار هڪبئي جون شيون چپ چاپ کڻي ڪري استعمال بہ ڪندا رهندا آهن ۽ سامهون واري کي خبر بہ نہ پوندي هوندي، اهڙن نادانن کي سمجهڻ گهرجي، عبرت وٺڻ گهرجي، ظاهري طور تي معمولي نظر اچڻ واري شيءِ بہ جيڪڏهن بغير اجازت جي استعمال ڪري ڇڏي ۽ قيامت جي ڏينهن پڪڙيا وياسين تہ اسان جو ڇا ٿيندو؟

## خِلال جو وبال

مشهور تابعي بزرگ حضرت وهب بن مُنَبِّہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بني اسرائيل جو هڪ شخص هو، ان پنهنجي گذريل تمام گناهن کان توبهہ ڪئي، 70 سالن تائين لڳاتار هن طرح عبادت ڪندو رهيو جو ڏينهن جو روزو رکندو ۽ رات جو جاڳي ڪري عبادت ڪندو هو، نہ ڪا عمده غذا کائيندو هو، نہ ڪنهن ڇانوَ جي هينان آرام ڪندو هو. جڏهن ان عبادت گذار جو انتقال ٿيو تہ ڪنهن خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو: مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِكَ الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ جواب ڏنائون: الله پاڪ منهنجو حساب ورتو، پوءِ سمورا گناهہ بخشي ڇڏيا پر هڪ تِيلو جنهن سان مون ان جي مالڪ جي اجازت جي بغير ڏندن ۾ خِلال ڪيو هو،

اهو معاف ڪرائڻ رهجي ويو هو، ان جي ڪري اجان تائين جنّت کان روڪيو ويو آهيان.

(تَنْبِيْـهُ الْمُغْتَرِّين ،صفحه:47 ـ)

سلسلہ آہ! گُناہوں کا بڑھا جاتا ہے
نِت نیا جُرم ہر اک آن ہوا جاتا ہے

لاؤں وہ اشک کہاں سے جو سیاہی دھوئیں
گندگی میں مرا دِل حد سے بڑھا جاتا ہے

امتحاں کے کہاں قابل ہوں میں پیارے اللہ
بے سبب بخش دے مولیٰ ترا کیا جاتا ہے

(وسائل بخشش، صفحه:432-433ملتقطاً۔)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دين ۾ خريداري ۽ وڪري جي اهميت

اي عاشقانِ رسول! دين ۾ خريداري ۽ وڪري جي وڏي اهميت آهي، ظاهر آهي خريداري ۽ وڪري ۾ بي احتياطي ڪرڻ بين جو مال ناحق کائڻ يعني پنهنجو پيٽ حرام سان پرڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو، ان ڪري محتاط رهي ڪري، نهايت ايمانداريءَ سان خريداري ۽ وڪرو ڪرڻ تمام ضروري آهي. ان جي اهميت جو اندازو هن ڳالھ مان لڳائيندا ته اسان جي وجود ۾ سيني کان اهم عضوو اسان جي دل آهي. الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو:

اَلَا وَاِنَّ فِى الْجَسَدِ مُضْغَةً، اِذَا صَلَحَتْ صَلَحَ الْجَسَدُ كُلُّهُ وَاِذَا فَسَدَتْ فَسَدَ الْجَسَدُ كُلُّهُ اَلَا وَهِيَ الْقَلْبُ

ٻڌي ونو! بيشڪ جسم هڪ رت جو ڳِڀُ آهي، جڏهن اهو نيڪ ٿي وڃي ته سڄو جسم نيڪ ٿي ويندو آهي، جڏهن اهو رت جو ڳِڀُ خراب ٿي وڃي ته سڄو جسم خراب ٿي ويندو آهي، ٻڌو...!! اهو رت جو ڳِڀُ دل آهي.

(بخاری ،کتاب: الایمان،صفحه:84 ، حديث:52 ـ)

معلوم ٿيو اسان جو سيني ڪان اهم عضوو اسان جي دل (*Heart*) آهي، هي سُڌري وڃي تہ پورو جسم سُڌري ويندو آهي ۽ جيڪڏهن دل بگڙجي وڃي تہ پوري جو پورو انسان بگڙجي ويندو آهي ۽ **دل جي ان شيشي کي صاف شفاف بڻائڻ واري سڀ کان اهم شيءِ حلال رزق آهي. بهرحال**

## دل چمڪائڻ واري بنيادي شيءِ

حضرت عمر بن صالح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان حضرت امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، مون پڇيو: اي امام! الله پاڪ اوهان تي رحم فرمائي، دليون نرم ڪيئن ٿينديون آهن؟ هي سوال ٻڌي ڪري احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن مٿو مبارڪ جهڪائي ڇڏيو، ڪجھ دير ڪان بعد مٿو کڻي ڪري فرمايائون: پٽ! حلال مال (دل کي نرم ڪندو آهي)

حضرت عمر بن صالح فرمائن ٿا: پنهنجي سوال جو جواب ٻڌي ڪري مان واپس موٽي آيس، رستي ۾ مون کي حضرت بشر حافي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مليو مون انهن کان پڇيو: سائين! دليون نرم ڪيئن ٿينديون آهن؟ فرمايائون: الله پاڪ جي ذڪر سان. مون عرض ڪيو: امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو هيس، ايترو ٻڌندي ئي حضرت بشر حافي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن خوشي وچان فرمايو: واه... (ڇا ڳالھ آهي) انهن اوهان کي ڇا ٻڌايو؟ مون عرض ڪيو: امام احمد بن حنبل فرمائن ٿا: حلال کائڻ سان دل نرم ٿيندي آهي. فرمايائون: امام صاحب اصل بنياد ٻڌايو (يعني اصل هيءُ ئي آهي تہ دل حلال رزق سان ئي نرم ٿيندي آهي) حضرت عمر بن صالح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: پوءِ منهنجي ملاقات حضرت عبدُ الوهاب ورَّاق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان ٿي، مون انهن کان بہ اهو ئي سوال پڇيو: انهن بہ فرمايو الله پاڪ جي ذڪر سان دل نرم ٿيندي آهي. مون عرض ڪيو: مان امام احمد بن حنبل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو هيس، ايترو ٻڌندي ئي انهن جو چهرو خوشي

وچان مهڪڻ لڳو، فرمايائون: امام احمد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اوهان کي ڪهڙو جواب ڏنو؟ مون عرض ڪيو: امام صاحب فرمائن ٿا: دل جي نرمي حلال رزق ۾ آهي. حضرت عبدُ الوهاب ورَّاق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن بہ اها ئي ڳالهه ڪئي، فرمايائون: امام صاحب جن اصل بنياد ٻڌايو آهي (واقعي حلال کائڻ جي بغير دل هرگز صاف نہ ٿي ٿي سگهي).

(حلية الاولياء ، جلد:9 ، صفحہ:193 ،رقم:13663 ملتقطًا۔)

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! 3 اولياءِ ڪرام جي گواهي آهي تہ دل جي نرمي ۽ صفائي جي لاءِ سڀ کان اهم شيءِ حلال کاڌو آهي. هن مان اندازو لڳايو! خريد و فروخت ۾ احتياط ڪرڻ، نهايت ايمانداري سان خريداري ۽ وڪرو ڪرڻ ڪيترو ضروري آهي، جيڪڏهن اسان شيون خريد ڪرڻ يا وڪڻڻ ۾ بي احتياطي ڪئي ۽ الله نہ ڪري ٻئي جي شيءِ ناحق اسان وٽ اچي وئي تہ هي ظاهري طور معمولي نظر اچڻ واري غلطي دل جي دنيا کي اجاڙي ڇڏيندي. ان ڪري خريداري ۽ وڪري ڪرڻ ۾ احتياط ڪرڻ نهايت ضروري آهي.

## زُهد (دنيا کان ڪنارو ڪرڻ) جي موضوع تي هڪ بي مثال ڪتاب

امام اعظم، امام ابو حنيفہ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي نهايت هوشيار شاگرد امام محمد بن حسن شَيباني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي هڪ ڀيري ڪنهن عرض ڪيو: سائين! اوهان زهد (يعني دنيا کان بي رغبتي) جي موضوع تي هڪ ڪتاب لکي ڇڏيو! فرمايائون: مان ان موضوع تي ڪتاب لکي چڪو آهيان. پڇيائون: اهو ڪهڙو؟ فرمايائون: كِتَابُ الۡبِيُوۡع يعني منهنجو اهو ڪتاب جنهن ۾ مون خريداري ۽ وڪري جا احڪامَ بيان ڪيا آهن.

(المبسوط للسرخسی ، كتاب البيوع ، جز:12،جلد:6، صفحہ:128 ۔)

يعني جيڪو خريداري ۽ وڪري جا احڪامَ نہ ٿو ڄاڻي، اهو حرام کان نہ ٿو بچي سگهي ۽ جيڪو حرام کان نہ بچي سگهي، اهو زاهِد ڪيئن ٿو بڻجي

سگهي؟ معلوم ٿيو تہ اَصل ۾ زاهِد، دنيا کان ڪنارو ڪرڻ وارو، دنيا جي محبت کان بچڻ وارو، مُتقي پرهيزگار اهو ئي آهي جيڪو خريداري ۽ وڪري ۾ شرعي احتياط ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي. بازار اصل ۾ اها جڳهہ آهي جتي دنيا ۽ مال ۽ دولت جي محبت پنهنجو رنگ ڏيکاريندي آهي، پهاڙن ۽ غارن ۾ اڪيلو رهي ڪري عبادت ڪري وڃڻ ڪجهہ آسان آهي پر بازار ۾ جڏهن شيطان پوري لشڪر سان گڏ حملو ڪري رهيو هجي، نفسِ امّاره ورغلائيندو هجي، مال ۽ دولت جي محبت زور پڪڙي رهي هجي، ان وقت نفس ۽ شيطان جي حملن کان بچي ڪري پوري ايمانداري ۽ شرعي احڪامن جي پاسداري ڪرڻ تمام مشڪل آهي، لهٰذا اصل زاهِد دنيا کان بي رغبتي رکڻ وارو اهو ئي آهي جيڪو دنيا ۾ لهي ڪري بہ پنهنجي دل کي دنيا کان بچائي وٺندو هجي.

## خريداري ۽ وڪرو هڪ ڪسوٽي آهي

حُجَّةُ الاسلام امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: خريداري ۽ وڪرو هڪ ڪسوٽي آهي، ان جي ذريعي ماڻهوءَ جي دين ۽ پرهيزگاري کي آزمايو ويندو آهي. ڪنهن عربي شاعر چيو آهي:

| | |
|---|---|
| لَايَغُرَّنَّكَ مِنَ الْمَرْءِ قَمِيْصٌ رَّقَّعَه | اَوْاِزَارٌ فَوْقَ كَعْبِ السَّاقِ مِنْ رَّفْعِه |
| اَوْ جَبِيْنٌ لَّاحَ فِيْهِ اَثَرٌقَدْ قَلَعَه | وَلَدَى الدِّرْهَمِ فَانْظُرْ غَيَّهُ اَوْ وَرْعَه |

ترجمو: يعني ڪنهن چَتي لڳل قميض، پيڏين کان مٿي شلوار، پيشانيءَ جي چمڪ ۽ مٿي تي سجدن جو نشان توکي دوکي ۾ نہ وجهي، جيڪڏهن ڪنهن جي تقوٰي ۽ پرهيزگاري کي ڏسڻو آهي تہ دِرهم ۽ دينار (مثال طور مال ۽ دولت جي ڏي وٺ) جي وقت ان کي پَرک (ان جي دين ۽ تقوٰي جو امتحان ٿي ويندو).

(احياءالعلوم،ڪتاب:آداب الكسب ،باب الرابع: فی الاحسان فی معامله،جلد:2،صفحہ:105۔)

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان تي لازم آهي تہ سُنا ۽ سچا واپاري بہ بڻجون ۽ سچا خريدار بہ بڻجون. اچو! سچي تجارت ڪرڻ وارن خوش نصيب واپارين جي فضائلن تي ڪجھ حديثون پڙهون ٿا:

## (1): امانت دار واپاري انبياء سان گڏ هوندو

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو:

اَلتَّاجِرُ الصَّدُوْقُ الْاَمِیْنُ مَعَ النَّبِيِّيْن، وَالصِّدِّيْقِيْنَ، وَ الشُّهَدَاءِ

سچو ۽ امانت دار واپاري قيامت جي ڏينهن انبياءِ ڪرام، صديقين ۽ شهيدن سان گڏ هوندو.

(ترمذی، کتاب :البیوع،باب: ماجاء فی التجار ، صفحہ:316 ، حدیث :1209)

## (2): دنيا جو مال حلال ذريعي سان ڪمائڻ واري جي فضيلت

ترمذي شريف ۾ حديث پاڪ آهي، محبوبِ خدا، امامُ الانبيا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اِنَّ التُّجَّارَ يُحْشَرُوْنَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فُجَّارًا اِلَّا مِنِ اتَّقٰى وَبَرَّ وَصَدَقَ يعني قيامت جي ڏينهن سڀ ئي تاجِرَ بدڪار اٿاريا ويندا پر اهو جيڪو تقوٰي اپنائي، نيڪي ۽ ڀلائي ڪري ۽ سچ ڳالھائي.

(ترمذی، کتاب :البیوع،باب: ماجاء فی التجار ، صفحہ:316 ، حدیث :1210)

مشهور مُفسِر قرآن، حڪيمُ الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: پرهيزگاري مان مراد آهي:ڪبيره گناه کان خاص ڪري ۽ صغيره گناه جي عادت کان عموماً بچندو رهڻ. نيڪي مان مراد آهي پنهنجي ڪاروبار ڪي دوکي، خيانت کان محفوظ رکڻ، سچ مان مُراد سودي جي بابت صاف ڳالھ ڪرڻ جيڪڏهن عيبدار هجي تہ ان کي بي عيب ثابت ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪرڻ، مطلب هي آهي تہ قيامت جي ڏينهن سڀ ئي واپاري فاسق ۽ فاجِر هوندا سواءِ انهن جي جن ۾ هي 3 صفتون هجن،

پرھيزگاري، ڀلائي، سچائي.

(مرآۃ المناجيح ،جلد:4، صفحه :245۔)

## (3): خريداري ۽ وڪري ۾ نرمي ڪرڻ جي فضيلت

حضرت جابِر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کان روايت آھي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ ھاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: رَحِمَ اللّٰهُ رَجُلًا سَمْحًا اِذَا بَاعَ، وَ اِذَا اشْتَرٰى، وَ اِذَا اقْتَضٰى الله پاڪ ان شخص تي رحمتون نازل ڪري جيڪو نرم ھجي جڏھن وڪڻي ۽ خريد ڪري ۽ جڏھن تقاضا ڪري.

(بخاری ،کتاب: البیوع ،باب: السہولۃ و السماحۃ،صفحہ :541،حدیث :2076)

وڪڻڻ ۾ نرمي ھيءُ آھي تہ گِراھڪ کي گھٽ يا خراب شيءِ ڏيڻ جي ڪوشش نہ ڪري ۽ خريد ڪرڻ ۾ نرمي ھيءُ آھي تہ قيمت پوري پوري ڏي ۽ چڱي طرح سان ادا ڪري، واپاري (مثلاً دڪاندار) کي پريشان نہ ڪري، تقاضا ۾ نرمي ھيءُ آھي تہ جڏھن ان جو ڪنھن تي قرض ھجي تہ نرميءَ سان گھري ۽ مجبور مَقروض کي مھلت ڏي، ان تي تنگي نہ ڪري جنھن ۾ ھي 3 صفتون جمع ھجن اھو الله جو مقبول ٻانھو آھي.

(مرآۃ المناجيح ،جلد:4،صفحه :242)

## نفلي عبادت کان افضل عمل

امام غزالي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ احياءُ العلوم ۾ فرمائن ٿا: تجارت ۾ راھِ حق تي ھلڻ مُستقِل مزاجي سان نفلي عبادت ڪرڻ کان وڌيڪ مُشڪل آھي، ان ڪري ھڪ بزرگ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائي ٿو: اَلتَّاجِرُ الصَّدُوْقُ اَفْضَلُ عِنْدَ اللّٰهِ مِنَ الْمُتَعَبِّدِ يعني سچو واپاري الله پاڪ جي ويجھو عبادت گذار کان افضل آھي.

(احیاءالعلوم،کتاب:آداب الکسب و المعاش،باب الثالث: فی بیان العدل ،جلد:2،صفحہ:95۔)

الله پاڪ اسان کي خريداري ۽ وڪري جي معاملي ۾ احتياط ڪرڻ، ايمانداري اپنائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## خريداري ۽ وڪري جا احڪامَ سکي وٺو!

پيارا اسلامي ڀائرو! تجارت يا خريداري ۽ وڪرو هڪ مشڪل موضوع آهي، ان جا تمام باريڪ احڪامَ ۽ مسائلَ آهن، ظاهر آهي مختصر بيان ۾ هي سڀئي احڪامَ ۽ مسائلَ ذڪر نہ ٿا ٿي سگهن. البت جيڪو واپاري آهي، ان تي واپار جا، جيڪو دڪاندار آهي، ان تي دڪانداريءَ جا ۽ جيڪو خريدار آهي، ان تي خريداريءَ جا ضروري احڪامَ سکڻ فرض آهي، الحمد لله! ۞ دارُالافتاء اهلِ سنّت موبائل ايپليڪيشن موجود آهي، ان ۾ بي بہ ڪافي ديني معلومات سان گڏوگڏ پورو تجارت ڪورس بہ الڳ سان شامل ڪيو ويو آهي ان کان علاوه خريداري ۽ وڪري جي باري ۾ فتاوٰي جات بہ موجود آهن، هي ايپليڪيشن پنهنجي اسمارٽ فون ۾ انسٽال ڪري وٺو! ۞ ان کان علاوه مدني چينل تي هڪ هفتيوار پروگرام هلندو آهي جنهن جو نالو آهي: احڪامِ تجارت هي پروگرام ٻڌندا، ڏسندا ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! خريداري ۽ وڪري ۽ جديد مارڪيٽنگ بابت ڪافي معلومات حاصل ٿيندي ۞ بهارِ شريعت، جلد: 2 حصو: 11 خريداري ۽ وڪري جو بيان پڙهي وٺو! ان مان بہ خريداري ۽ وڪري جا ڪافي احڪامَ ۽ مسائل سکڻ جي لاءِ ملندا ۞ 62 صفحن تي مُشتمل هڪ پيارو رسالو: تاجِرن جي لاءِ ڪم جون ڳالهيون مکتبةُ المدينہ تان خريد فرمايو ۽ پڙهو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! خريداري ۽ وڪري جي باري ۾ گهٽو ڪجھ سکڻ جي لاءِ ملندو هڪ ٻيو مشورو آهي: دارُ الافتاء اهلِ سنّت جو نمبر پاڻ وٽ ضرور محفوظ

ڪري ڇڏيو! جڏهن بہ ڪو مسئلو درپيش هجي، ڪنهن خاص صورت جي باري ۾ شرعي رهنمائي وٺڻي هجي تہ ڪال ڪري مفتيانِ ڪرام ڪان رهنمائي وٺندا ڪريو! ان سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪوڙ سارن گناهن ڪان بچي ويندؤ ۽ علمِ دين جو وڏو خزانو بہ ملندو.

دارُ الافتاء جو نمبر: 03113993312.

اچو! خريداري ۽ وڪري جي باري ۾ ڪجھ احتياطيون ٻڌي وٺون ٿا:

## (1): جهيڙن جهڳڙن واري صورتن ڪان بچو!

جڏهن بہ ڪا شيءِ خريد ڪيو يا وڪڻو، ان ۾ هڪ بنيادي احتياط هي ضرور ڪيو تہ ڪابہ اهڙي صورت نہ ٺهجي جيڪا جهيڙي جهڳڙي جي طرف وٺي ويندي هجي.

اسان جي دينِ اسلام ۾ اتحاد، اتفاق ۽ ڀائيچاري کي گهڻي اهميت ڏني وئي آهي، لهٰذا خريداري ۽ وڪري جي هر اها صورت جيڪا جهيڙي جهڳڙي جو سبب ٺهجي سگهندي هجي ان ڪان بچو! مثال طور ۞ جيڪا شيءِ خريد ڪرڻي آهي، اها ڀريان ڏسي وٺو! تسلي ڪري وٺو! ۞ قيمت ڀريان ئي طئي ڪري وٺو! ۞ ڪڏهن ڪڏهن قيمت صاف لفظن ۾ طئي ناهي ڪئي ويندي، وڪڻڻ وارو چئي ڇڏيندو آهي: جيڪو مناسب هجي ڏئي ڇڏجو ۞ عام طور رڪشي وغيره وارا ايئن ئي چوندا آهن، صرف ايترو چوڻ تي رڪشي ۾ سوار نہ ٿي ويندا ڪيو! بلڪ باقاعده صاف لفظن ۾ڪرايو طئي ڪيو، مطلب تہ : شيءِ خريد ڪرڻ يا وڪڻڻ وقت اهڙي صورت رکو جو 0% بہ جهيڙي جو خدشو نہ رهي.

توهان عدالتن جو ريڪارڊ ڏسو! ڪوڙ سارا مُقدما اهي ملندا جيڪي خريداري ۽ وڪري ۾ بي احتياطي ڪري پيدا ٿيندا آهن، خاص ڪري زمينن جي خريداري ۽ وڪري ۾ تہ تمام گهڻو احتياط ڪرڻ گهرجي، ان ۾ تہ ڪڏهن

ڪڏهن قتل و غارت تائين بہ نوبت پهچي ويندي آهي. لهٰذا خريداري ۽ وڪرو جڏهن بہ ڪيو، بلڪل صاف ۽ شفاف ڪيو، قانوني ڪاروائي جي ضرورت هجي تہ ڪري ونو! ڪاغذات وغيره نهرائڻا هجن تہ يڪدم نهرائي ونو! ڪا بہ گهٽتائي، پوشيدگي نہ رکو. اسان وٽ ماڻهو جذبات ۾ اچي ڪري بي پرواهي ڪري ويهندا آهن، مثال طور سڳي ڀاءُ کي ڪا شيءِ ڏنائين، يا سڳي ڀاءُ کان خريدي هجي تہ ضروري ڪاغذات وغيره نهرائڻ ۾ لاپرواهي ڪئي ويندي آهي تہ خير آهي، پنهنجو ڀاءُ ئي تہ آهي. پر جڏهن شيطان پنهنجو جار وڇائيندو آهي تہ ڀاءُ ئي ڀاءُ جو گريبان پڪڙي رهيو هوندو آهي. ان ڪري بلڪل صاف ۽ شفاف معاملو ڪيو. خريداري ۽ وڪري جا سڀ ضروري تقاضا وقت تي پورا ڪري ونو تہ جيئن بعد ۾ جهيڙي جهڳڙي جي نوبت نہ اچي.

## سودو توري ڪري ڏيو!

ڪجھ دڪاندار حضرات شيءِ وڪڻڻ وقت باقاعده ساهمِي سان توريندا يا ماپي سان ماپيندا ناهن. ايئن ئي اندازي سان ڏئي ڇڏيندا آهن، هيءَ صورت بہ جهڳڙي جو سبب بڻجي سگهي ٿي. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: كِيْلُوا طَعَامَكُمْ يُبَارَكْ لَكُمْ فِيهِ يعني پنهنجو کاڌو ماپي ونندا ڪيو، توهان کي ان ۾ برڪت ڏني ويندي.

(بخاری، کتاب البیوع، صفحہ:553، حدیث:2128۔)

مشهور مُفسرِ قرآن، حڪيمُ الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي فرمائن ٿا: داڻو(يا ڪا بہ شيءِ) وڪڻندي ۽ خريد ڪندي قرض ڏيندي ونندي ماپي توري ڪري ونندا ڪيو تہ جيئن گهٽ وڌ نہ هجي ۽ توهان جي ذمي ٻين جو ۽ ٻين جي ذمي توهان جو حق نہ رهي.

(مرآۃ المناجیح، جلد:6، صفحہ:26۔)

هڪ روايت ۾ فرمايو: مَنِ ابْتَاعَ طَعَامًا فَلَا يَبِعْهُ حَتَّى يَسْتَوْفِيَهُ جيڪو اَنُ خريد ڪري ان

تي قبضو ڪرڻ بغير نہ وڪڻي.

(مسلم ، ڪتاب البيوع، باب بطلان بيع المبيع، صفحہ:588، حديث:1525)

مشھور مُفسرِ قرآن، حڪيمُ الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه ھن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: ھن حديث مان اڄ ڪلھ جا واپاري عبرت حاصل ڪن تہ ڪپڙي جو جھاز ٻئي مُلڪ مان ھلندو آھي، اڃان ڪراچي بندر گاھ تي پھچندو بہ نہ آھي جو ڪيئي جڳھ ان جي فروخت نفعي سان ٿي چڪي ھوندي آھي، بعد ۾ پوءِ انھن جو ڏيوالو نڪري ويندو آھي، بغير ڏسڻ جي ۽ بغير قبضو ڪرڻ جي ڪنھن شيءِ جي تجارت ھرگز نہ ڪرڻ گھرجي جو ھي شرعاً گناھ بہ آھي ۽ سخت نقصان جو باعث بہ.

(مرآة المناجيح، جلد:4، صفحہ:267۔)

## (2): ڌوڪو نہ ڏيو!

خريداري ۽ وڪري جو ٻيو احتياط ھي آھي تہ جڏھن بہ ڪا شيءِ خريد ڪيو يا وڪڻو تہ دوکي ڏيڻ کان بچو، نہ وڪڻڻ وارو خريد ڪرڻ واري کي دوکو ڏي، نہ خريد ڪرڻ وارو وڪڻڻ واري کي دوکو ڏي بلڪ ٻئي ھڪٻئي جي خيرخواھي ڪن، ٻئي ھڪٻئي جي ڀلائي گھرن. الله پاڪ جي محبوب نبي، رسولِ ھاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو:

اَلْبَيِّعَانِ فَاِنْ صَدَقَا وَبَيَّنَا بُوْرِكَ لَهُمَا فِيْ بَيْعِهِمَا، وَاِنْ كَتَمَا وَكَذَبَا مُحِقَتْ بَرَكَةُ بَيْعِهِمَا

يعني وڪڻڻ ۽ خريد ڪرڻ وارا جيڪڏھن سچ ڳالھائين ۽ شيءِ جو عيب (جيڪڏھن ھجي تہ) بيان ڪن تہ انھن جي سودي ۾ برڪت رکي ويندي آھي ۽ جيڪڏھن عيبن کي لڪائين ۽ ڪوڙ ڳالھائين تہ انھن جي سودي مان برڪت ڪنئي ويندي آھي.

(بخاری،کتاب: البیوع،باب:اذا بین البیعان ...الخ،صفحہ:542،حدیث:2079 ملتقطًا)

# عيب ٻڌائڻ واجب آهي

امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: شيءِ وڪڻڻ وقت ان جا عيب ٻڌائي ڪري مسلمان ڀاءُ جي خيرخواهي ڪرڻ واجب آهي. (احياءالعلوم،ڪتاب:آداب الڪسب ،باب الثالث: فى بيان العدل ،جلد:2،صفحه:96 بتغير قليل) هڪ ڀيري پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ بازار تشريف کڻي ويا، ڪنهن دڪان تي (اَنُ، جَوَ يا ڪنهن ٻئي) شيءِ جي اناجَ جو ڍير هو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ کي اهو اناج پسند آيو، لهٰذا پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجو هٿ مبارڪ ان اناج جي اندر داخل فرمايو ته هيٺان وارو اناج آلو (*Wet*) هو، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ دڪاندار کان پڇيو: مَا هٰذَا يعني هي ڇا آهي؟ ان عرض ڪيو: اَصَابَتْهُ السَّمَآءُ يعني يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ! بارش جي سبب اناج آلو ٿي ويو هو. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪڏهن ايئن هو ته تو آلي اناج کي مٿي ڇونه رکيو ته جيئن ماڻهو ان کي ڏسي وٺن ها (ڪنهن کي دوکو نه ٿئي ها، ياد رکو!) مَنْ غَشَّ فَلَيْسَ مِنِّي جنهن دوکو ڏنو اهو مون مان ناهي.

(مسلم ،ڪتاب: الايمان ،باب :قول النبى صلى الله عليه و سلم: من غشنافليس منا،صفحه :57،حديث:102)

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! ڪيڏي سخت وعيد آهي، اسان عاجز ۽ لاچار، سراپا گنهگار ٻانهاڻ هڪ پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت جو ئي ته سهارو آهي، انهيءَ شفاعت جي صدقي ته جنّت نصيب ٿيندي، الله نه ڪري هن مختصر زندگيءَ ۾ مال جي لالچ ۾ اچي ڪري مسلمان ڀائرن کي دوکو ڏئي ڪري شين جا عيب لِڪائي ڪري وڪڻندا رهياسين ۽ ان گناهه جي نحوست سان رسولِ خدا، احمدِ مُجتبٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ اسان کان ناراض ٿي ويا ته ڇا ٿيندو؟ جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن اسان جي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ فرمائي ڇڏيو ته جيڪو اسان جي اُمّتين کي دوکو ڏيندو هو، اسان جو ان سان ۽ ان جو اسان سان ڪو تعلق ناهي ته ڪيڏانهن ويندا سين؟ ان ڪري اڄ موقعو آهي،

جيڪڏهن ٻين کي دوکو ڏئي ڪري مال وڪڻڻ جي گناھ ۾ مبتلا ٿيا آهيون تہ ان ڪان توبھ ڪيون، جنهن جنهن کي دوکو ڏنو آهي، ان ڪان حق معاف ڪرايون. خدا جو قسم! جيڪڏهن اللّٰه پاڪ ۽ ان جا پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ناراض ٿي ويا تہ ڪٿان جا نہ رهنداسين.

گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہوگی | ہائے! میں نارِ جہنّم میں جلوں گا یارب!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سامان جي عيب لِڪائڻ جو عذاب

صحابيءِ رسول حضرت واثلہ بن اَسقع رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون اللّٰه پاڪ جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي فرمائيندي ٻڌو: جيڪو عيب دار شيءِ جو عيب ٻڌائڻ جي بغير وڪڻي ڇڏي، اهو اللّٰه پاڪ جي ناراضگي ۾ رهندو آهي ۽ ملائڪ ان تي لعنت ڪندا رهندا آهن.

(ابنِ ماجہ، كتاب :التجارات، باب: من باع عيباً ،صفحہ:359،حديث:2247۔)

## شيءِ جو عيب بيان ڪري ڇڏيو!

جيڪڏهن ڪنهن شيءِ ۾ عيب هجي ۽ اسان ان کي وڪڻڻ چاهيندا هجون تہ ان جو آسان حل هيءُ ئي آهي تہ خريد ڪرڻ واري کي ان جو عيب ٻڌائي ڇڏيون، عيب ڄاڻي وٺڻ ڪان بعد بہ هو خريد ڪرڻ چاهي تہ خوشيءَ سان خريد ڪري، نہ تہ ڇڏي ڏي. اسان جا بزرگانِ دين ايئن ئي ڪندا هئا. بهرحال حضرت محمد بن سيرين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي متعلق منقول آهي: هڪ ٻيري سندن هڪ ٻڪري وڪڻي تہ خريدار کي فرمايائون: مان هن ٻڪريءَ جي عيب جي باري ۾ تو ڪان بَري آهيان ۽ اهو عيب هي آهي تہ هيءَ گاهہ کي پيرن سان اُبتو (خراب) ڪري ڇڏيندي آهي.

(احياءالعلوم،كتاب:آداب الكسب و المعاش،باب الثالث : فی بيان العدل ،جلد:2،صفحہ:98)

## نقلي نوٽ نہ ھلائيندا ڪيو!

اهڙيءَ طرح گِراهڪ يا خريدار کي بہ گهرجي تہ نقلي يا پراڻا ڦاٽل نوٽ دوکي سان هلائي ڇڏڻ کان بچن. ڪوڙ ماڻهو پنهنجي مسلمان ڀائرن کي دوکو ڏي رهيا هوندا آهن ۞ ڪڏهن نوٽن جي دستيءَ ۾ نقلي نوٽ لڪائي ڪري ڏئي ويندا آهن ۞ ڪو نوٽ پراڻو ڦاٽل ۽ هلڻ جي قابل نہ هجي تہ نَوَن نوٽن جي درميان ۾ رکي ڪري دوکي سان دڪاندار کي ڏئي ڪري ان ويچاري جو نقصان ڪري وجهندا آهن. اهڙيءَ طرح پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي دوکو ڏيڻ نهايت سخت گناهہ آهي.

## چوري کان وڌيڪ بُرو گناهہ

اِحياءُ العلوم ۾ آهي: ڪوڙن (کُوٽن) سِڪن کي (يا نوٽن) کي رواج ڏيڻ عام ظلم آهي، ان جو وڏو نقصان هي آهي تہ هي گناهِ جاريہ بڻجي سگهي ٿو، مثال طور هڪ شخص ڪنهن کي دوکي سان نقلي نوٽ ڏئي ڇڏيو، هاڻي اهو اڳتي ڪٿي هلائي ڇڏيندو، ٽيون چوٿين کي، چوٿون، پنجين کي ايئن دوکي سان هلندو رهندو، ايئن هي سڀ بہ گنهگار ٿيندا ۽ انهن سڀني جو گناهہ ان پهرين شخص کي ٿيندو جو انهيءَ هن بُرائي جو دروازو کوليو.

(احياءالعلوم،کتاب:آداب الكسب ،باب الثالث : فی بيان العدل ،جلد:2،صفحہ:94 ملخصاً)

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڪوڙو (کوٽو) سِڪو (يا نقلي نوٽ ڌوکي سان) هلائي ڇڏڻ چانديءَ جا 100 سڪا چوري ڪرڻ کان بہ وڌيڪ بُرو آهي چو جو چوري هڪ گناهہ آهي، جيئن ئي چورَ چوري ڪئي، گناهہ ختم ٿي ويو پر نقلي نوٽ دوکي سان هلائي ڇڏڻ بُري بدعت، بُرو طريقو آهي، جنهن کي ٻانهو دين ۾ جاري ڪري ڇڏيندو آهي (ٿي سگهي ٿو تہ جنهن ان کي نقلي نوٽ هلايو، اهو اڳتي ڪٿي هلائي، اهو ان کان اڳتي هلائي، ايئن هي سلسلو هلندو رهندو ۽ هي هڪ گناهہ گناهِ جاريہ بڻجي ويندو).

(احياءالعلوم،کتاب:آداب الكسب ،باب الثالث : فی بيان العدل ،جلد:2،صفحہ:94۔)

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ اسان کي گناهن جي آفت ۽ نحوست کان محفوظ فرمائي. غور فرمايو! ڪيتري بدبختي جي ڳالھ آهي. ٿورو تصور ته ڪيو! جنهن پهرين جڳھ نقلي نوٽ دوکي سان هلايو هو، ايئن به ٿي سگهي ٿو ته اهو پاڻ ته مري وڃي پر ان جو هلايل نقلي نوٽ مارڪيٽ ۾ گھمندو رهي، جيڪڏهن ايئن ٿيو ته ان کي قبر ۾ به گناھ پهچندو رهندو. هاءِ! ڪيڏو بدبخت آهي اهو شخص جو قبر ۾ سُتل آهي پر ان جي گناهن جو ميٽر اجان به جاري آهي.

ڪرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی | قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا اسلاف (بزرگانِ دين)، پنهنجي مسلمان ڀائرن جي نفعي ۽ نقصان جو ڪيتري قدر خيال رکندا هئا، اچو! هڪ تمام پيارو ايمان تازو ڪندڙ واقعو ٻڌون ٿا.

## کوڙو (کُوٽو) سکو

حضرت شيخ ابو عبدُ الله خياط رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ هڪ ٻاھ جو پوڄاري ڪپڙا سبرائيندو هو ۽ هر ڀيري اُجرت ۾ کُوٽو سکو ڏئي ويندو هو، پاڻ خاموشيءِ سان وٺندا هئا. هڪ ڀيري سندن غير موجودگي ۾ شاگرد ٻاھ جي پوڄاري کان کوٽو سکو نه ورتو. جڏهن پاڻ واپس تشريف کڻي آيا ۽ معلوم ٿيو ته شاگرد کي فرمايائون: تو کوٽو درهم (چانديءَ جو سکو) ڇو نه ورتو؟ ڪيئي سالن کان اهو مون کي کوٽو سکو ئي ڏيندو رهيو آهي ۽ مان به ڄاڻي واڻي وٺندو آهيان ته جيئن هي اهو ئي سکو ڪنهن ٻئي مسلمان کي نه ڏئي اچي.

(احياء العلوم، جلد:3، صفحہ:87 خلاصتہً)

الله پاڪ، اسان کي به انهن عظيم هستين جي اعلٰي سوچ جو صدقو نصيب فرمائي، گناهن جي آفت کان محفوظ فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ماپڻ تورڻ ۾ گھٽتائي کان بچو!

پيارا اسلامي ڀائرو! خريداري ۽ وڪري جي دوران اهو به ضروري آهي ته وڪڻڻ وارو پوري پوري ماپ تور ڪري، ان ۾ گھٽتائي نه ڪري ۽ جيڪو خريد ڪرڻ وارو آهي، ان تي لازم آهي ته رقم پوري ادا ڪري، دوکي سان گھٽ رقم ڏيڻ جي ڪوشش نه ڪري.

هي عيب ته اسان جي بازارن ۾ تمام عام ٿيندو پيو وڃي، هڪ هڪ، ٻه، ٻه روپيا ڪري شايد روزانو ڪروڙين اربين رپين جي دانتلي خريداري ۽ وڪري ۾ ڪئي ويندي هوندي. دوکو ڏيڻ، ماپڻ تورڻ ۾ گھٽتائي ۽ دوکي جا هڪ کان هڪ جديد طريقا ماڻهو ڪيندا آهن. هي ڪجھ سڪن جي لالچ الله نه ڪري جهنّم ۾ وڃڻ جو سبب بڻجي وئي ته سوچو! اسان جو ڇا ٿيندو؟

## ماپڻ تورڻ ۾ گھٽتائي ڪرڻ وارؤ! سڌري وڃو!

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَيۡلٌ لِّلۡمُطَفِّفِيۡنَۙ﴿۱﴾ الَّذِيۡنَ اِذَا اكۡتَالُوۡا عَلَى النَّاسِ يَسۡتَوۡفُوۡنَ﴿۲﴾ۖ وَ اِذَا كَالُوۡهُمۡ اَوۡ وَّزَنُوۡهُمۡ يُخۡسِرُوۡنَ﴿۳﴾

(سيپارو: 30 سورة مطففين: 1کان 3)

ترجمو ڪنزالعرفان: گھٽ تورڻ وارن جي لاءِ خرابي آهي اهي ماڻهو جو جڏهن ٻين ماڻهن کان ماپي وٺن ته پورو وصول ڪن ۽ جڏهن هو انهن کي ماپي يا توري ڏين ته گھٽ ڪري ڏين.

تفسيرِ صراط الجنان ۾ آهي: ماپ تور نهايت اهم معاملو آهي. تقريباً تمام ماڻهن جو وڪڻڻ ۽ خريد ڪرڻ سان واسطو پوندو آهي ۽ گھڻي قدر شيون وڪڻڻ ۽ خريد ڪرڻ انهن کي ماپڻ ۽ تورڻ تي مَبني آهي، (ان ڪري قرآنِ ڪريم ۾ ڪيئي مقامن تي ان جي اهميت کي بيان ڪيو ويو آهي). صحيح ماپڻ ۽ تورڻ جو انجام دنيا ۾ به بهتر ٿيندو آهي جو ❁ ان سان ماڻهن جو اعتبار قائم رهندو آهي❁

تجارت ۾ خوب اضافو ٿيندو آهي ۽ رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي. ۽ آخرت ۾ بہ يقيناً بهتر ٿيندي جو ۞ هن حوالي سان ماڻهن جو ان تي ڪو حق نہ هوندو ۽ ايئن ماڻهو پنهنجو حق طلب ڪرڻ جي لاءِ ان ڪي نہ پڪڙيندا ۞ هي حرام رزق کائڻ ۽ ڪارائڻ جي عذاب کان بچي ويندو ۞ ۽ ان جا نيڪ اعمال محفوظ رهندا ۞ ۽ جيڪي ماڻهو ماپڻ تورڻ ۾ گهٽتائي ڪندا آهن، انهن جي لاءِ سخت ۽ دردناڪ عذابَ آهن.

(تفسير صراط الجنان ،پاره:30 ،سورۂ مطففين ،زيرِ آيت:1 تا3 ،جلد:10 ،صفحه:571 -572 ملتقطًا)

## ماپڻ تورڻ ۾ گهٽتائي جو وبال

هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائي ٿو: مان هڪ پاڙي واري جي عيادت ڪرڻ جي لاءِ ويس، جيڪو اَناج جو واپار ڪندو هو، جڏهن مان ان جي پَرِ ۾ وينُس تہ ان ڪي باربار هي چوندي ٻڌو: باھ جا 2 پهاڙ، باھ جا 2 پهاڙ. جڏهن مون ان جي گهروارن کان ان جي باري ۾ پڇيو، تہ انهن ٻڌايو تہ ان وٽ اناج ماپڻ جا بہ ماپا هئا، جڏهن هيءُ ڪنهن کان اَنُ خريد ڪندو هو تہ ان ڪي وڏي پيماني سان ماپيندو هو ۽ جڏهن ڪنهن ڪي وڪڻندو تہ ننڍي پيماني سان ماپي ڪري ڏيندو هو. اهو بزرگ فرمائي ٿو: پوءِ مان سمجهي ويس تہ اهي ئي 2 ٿانوَ ان ڪي باھ جي پهاڙن جي صورت ۾ نظر اچي رهيا آهن.

(بَحْرُ الدُّمُوْع ، الترہيب من الخيانۃ فی الميزان،صفحه:182)

الله پاڪ جي پناھ...!! الله پاڪ جي پناھ...!! اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! جيڪڏهن ڪو شخص ماپڻ تورڻ ۾ گهٽتائي ڪندو بہ هجي تہ اهو سڄي ڏينهن ۾ گهڻو ڪمائي وٺندو هوندو؟ اهي ئي ڪجھ سؤ يا ڪجھ هزار رپيا، پر انهن عارضي، فاني ڪجھ سڪن جو وبال تہ ڏسو! نزع ۾ بہ مُشڪلات، قبر ۾ بہ عذاب، حشر ۾ بہ عذاب ۽ جهنّم جي حقداري ان کان علاوه آهي. هڪ بزرگ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عادت هئي تہ پاڻ جڏهن بہ ڪا شيءِ خريد ڪندا هئا تہ اڌ داڻو گهٽ وٺندا هئا ۽ جڏهن ڪا شيءِ وڪڻندا تہ هڪ داڻو وڌيڪ ڏيندا ۽ فرمائيندا هئا:

خرابي آهي ان جي لاءِ جيڪو هڪ داڻي جي بدلي اهڙي جنّت وڪڻي ٿو جنهن جي ويڪر زمين ۽ آسمان کان وڌيڪ آهي، ڪيتري نقصان ۾ آهي اهو شخص جيڪو وَيّل (يعني جهنّم) جي بدلي طُوبٰي (يعني جنّت) کي وڪڻي ڇڏي ٿو.

(احياءالعلوم،ڪتاب:آداب الکسب ،باب الثالث : فی بيان العدل ،جلد:2،صفحہ:99۔)

الله پاڪ اسان کي ماپڻ تورڻ ۾ خيانت جي گناهه کان محفوظ فرمائي! ڪاش! دل مان دنيا جي محبت نڪري وڃي، يقين ڪيو! هي صرف مال جي محبت آهي جيڪا ٻانهن کي طرح طرح جي گناهن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي آهي. ڪاش! دل مان دنيا جي لالچ ئي ختم ٿي وڃي ته ڪافي گناهن کان بچي ويندا سين.

دل سے مِرے دنیا کی مَحبَّت نہیں جاتی
سرکار! گناہوں کی بھی عادت نہیں جاتی

دن رات مسلسل ہے گناہوں کا تسلسل
کچھ تم ہی کرو نا یہ نحوست نہیں جاتی

(وسائلِ بخشش ،صفحہ:382۔)

## ماپڻ تورڻ ۾ گهٽتائي جون ڪجھ صورتون

امام غزالي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: ❁ شين ۾ ملاوٽ ڪرڻ به ماپ تور جي خيانت ۾ شامل آهي ❁ اهڙيءَ طرح ڪاسائي جيڪي گوشت سان گڏ اهڙيون هڏيون به توريندا آهن جو جن هڏين جو تورڻ عرف جي خلاف آهي، اهڙيءَ طرح جيڪو ڪپڙو خريد ڪرڻ وقت ڪپڙي کي ڍرو ڪري ماپيندو آهي هي به ماپ تور ۾ خيانت آهي پر وڪڻڻ وقت خوب ڇڪي ڪري ماپيندو آهي ته جيئن ڪپڙي جي مقدار ۾ فرق اچي وڃي، هي به ماپڻ ۾ گهٽتائي جي ئي صورت آهي جيڪا ماڻهوءَ کي جهنّم جو حقدار بڻائي ڇڏيندي آهي.

(احياءالعلوم،ڪتاب:آداب الکسب و المعاش،باب الثالث : فی بيان العدل ،جلد:2،صفحہ:100ملتقطًا۔)

## (3) ڪوڙ ۾ ڪوڙي قَسم کان بچو!

پيارا اسلامي ڀائرو! خريداري ۽ وڪري جون اهي ضروري احتياطيون جنهن کي هميشه ملحوظ رکڻ گهرجي، انهن مان هڪ هي به آهي ته ڪا به شيءِ خريد

ڪرڻ يا وڪڻڻ وقت هرگز هرگز ڪوڙ نہ ڳالهايو، نہ ئي ڪوڙو قسم کڻو.
اج ڪلھ واپار ۾ هي مصيبت بہ وڏي عام آهي، دڪاندار شين جون ڪوڙيون تعريفون ڪري رهيا هوندا آهن ۽ گِراهڪَ ڪوڙ ڳالهائي ڪري قيمت گهٽ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هوندا آهن، سودو تہ ٿئي يا نہ ٿئي، شيءِ کپي يا نہ کپي، باقي ٻئي ڪوڙ جي گناھ ۾ مبتلا ٿي ڪري جهنّم جا حقدار ٿي ويندا آهن.

## سودو وڪڻڻ وقت قَسم نہ کڻو!

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى الله عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اَلْحَلِفُ مُنَفِّقَةٌ لِلسِّلْعَةِ، مُمْحِقَةٌ لِلْبَرَكَةِ يعني قسم سامان تہ وڪڻائي ڇڏيندو آهي پر برڪت مٽائي ڇڏيندو آهي.

(بخارى،كتاب: البيوع،باب:يمحق الله الربوا ...الخ،صفحہ:544،حديث:2087)

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث پاڪ ۾ ڪوڙي قَسم جو قيد ناهي، يعني سودو وڪڻڻ وقت قَسم ڪنيائين، جيتوڻيڪ اهو سچو هجي يا ڪوڙو، هي قسم سودي ۾ نحوست آڻيندو، ان جي سبب برڪت ختم ٿي ويندي، هاءِ! اسان وٽ تہ ماڻهو خريد ۽ فروخت ۾ ڪوڙا قسم بہ کڻي رهيا هوندا آهن. اندازو لڳايو! جڏهن صرف قسم جيتوڻيڪ ڪوڙو هجي يا سچو، ان سان برڪت ختم ٿي ويندي آهي تہ جيڪو ڪوڙو قسم کڻي ڪري سودو وڪڻي تہ ان جو وبال ڪيترو هوندو؟

## واپار ۾ ڪوڙو قسم کڻڻ جو وبال

هڪ حديث پاڪ ۾ فرمايائون: ثَلَاثَةٌ لَا يُكَلِّمُهُمُ اللهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ، وَلَا يَنْظُرُ اِلَيْهِمْ وَلَا يُزَكِّيهِمْ وَلَهُمْ عَذَابٌ اَلِيمٌ يعني 3 ماڻهو اهڙا آهن: جن سان الله پاڪ قيامت جي ڏينهن نہ ڪلام ڪندو، نہ نظرِ رحمت ۽ نہ ئي انهن کي گناهن کان پاڪ ڪندو ۽ انهن جي لاءِ دردناڪ

عذاب آهي. حضرت ابو ذر غفاري رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جن عرض ڪيو: اهي تہ ٽُٺا ۽ خساري ۾ ٿي پئجي ويا يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اهي ڪير آهن؟ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: (1): تهبند (گوڏ) لٽڪائڻ وارو(2): احسان جتائڻ وارو (3): ڪوڙي قسم سان مال وڪڻڻ وارو.

(مسلم،ڪتاب الايمان، باب بيان غلظ، صفحہ:58، حديث:106)

## (4) خيرخواه بڻجي وڃو!

اي عاشقانِ رسول! هڪ نهايت ئي پيارو مدني گُلُ آهي، جيڪڏهن اسان سڀ ئي ان مدني گل کي پنهنجي زندگيءَ ۾ عملي طور تي نافِذ ڪري ونو تہ خريداري ۽ وڪري جي گناهن سان گڏوگڏ ٻين بہ ڪافي گناهن کان بچي ويندا سين. اهو مدني گل ڪهڙو آهي؟ الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: لَا يُؤْمِنُ اَحَدُكُمْ، حَتّٰى يُحِبَّ لِاَخِيْهِ مَا يُحِبُّ لِنَفْسِهٖ يعني توهان مان ڪو ان وقت تائين ڪامل مومن نہ ٿو ٿي سگهي جيستائين پنهنجي ڀاءُ جي لاءِ اها ئي شيءِ پسند نہ ڪري جيڪا پنهنجي لاءِ پسند ڪندو آهي.

(بخارى، ڪتاب: الايمان،باب: من الايمان ان يحب لاخيہ ،صفحہ:74،حديث:13)

هر اها ڳالھ، هر اهو معاملو جيڪو اسان پنهنجي لاءِ پسند ناهيون ڪندا، اهو اسان ٻين جي لاءِ بہ پسند نہ ڪيون ۽ هر اهو ڪم، ڳالھ ۽ معاملو جيڪو اسان کي پسند آهي، اهو اسان ٻين جي لاءِ پسند ڪيون. يقين ڪيو! هي اسان جي، معاشري جي ترقي جو اهو راز آهي، جنهن کي اسان اپنايون تہ اسان جو معاشرو ڏينهن ۾ ترقي جي بلندين تائين پهچي سگهي ٿو. توهان صحابہِ ڪرام، تابعين ۽ تبع تابعين جي مبارڪ زماني جي تاريخ پڙهي ڪري ڏسندا! ان وقت مسلمان ڪامياب بہ هئا، ترقي يافتہ بہ هئا، ڇو؟ ان ڪري جو اهي هڪٻئي جا خيرخواه هئا، هڪٻئي جي ڀلائي چاهڻ وارا هئا ۽ نتيجي ۾ سڀ ئي ترقي ۽ ڪاميابي جي طرف گامزن هئا، جڏهن کان اسان جي دلين ۾ نفرتون، نااتفاقيون، مال ۽ دولت جي محبت آئي، اسان ڏينهون ڏينهن تباهيءَ جي طرف ئي وڌندا وڃي

رهيا آهيون. خدارا! اسان پنهنجي حال تي غور ڪيون ۽ حديث پاڪ ۾ ٻڌايل ان عظيمُ الشّان مدني گل کي عملي طور تي پنهنجي زندگي ۾ نافذ ڪري ونون جو ڪامل مسلمان اهو آهي جيڪو پنهنجي لاءِ پسند ڪري، اهوئي ٻئي جي لاءِ بہ پسند ڪري.

## سودو نہ ٿيڻ جي عجيب وجھ

حضرت سِرّي سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏا ڪامل ولي آهن، پاڻ واپار ڪندا هئا، هڪ ڀيري پاڻ وڪڻڻ جي لاءِ 60 دينار (سون جي سڪن) جي بدلي بادام خريد ڪيا ۽ پنهنجي روزنامچي ۾ لکي ڇڏيو تہ مان هي بادام! 63 دينار ۾ وڪڻندُس. ڪجھ ئي ڏينهن کان بعد بادام مهانگا ٿي ويا، اهي ئي بادام جيڪي پاڻ 60 دينار جا خريد ڪيا هئا، انهن جي قيمت 90 دينار ٿي وئي. هڪ ڏينهن سندن وٽ هڪ شخص آيو: چيائين بادام خريد ڪرڻا آهن، فرمايائون: وٺو! پڇيائين: ڪيتري جا آهي؟ فرمايائون: 63 دينار جا. گِراهڪ بہ نيڪ ماڻهو هو، ان چيو: هنن بادامن جي قيمت بازار ۾ تہ 90 دينار ٿي چڪي آهي. حضرت سِرّي سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمايو: مون پاڻ سان واعدو ڪيو هو تہ هنن بادامن تي 3 دينار ئي نفعو ڪمائيندُس، لهٰذا مارڪيٽ ۾ هنن جي قيمت ڪيتري بہ آهي، مون 60 دينار جا خريد ڪيا هئا، هاڻي 63 دينار ۾ ئي وڪڻندُس.

هاڻي گِراهڪ چوي ٿو: مان تہ 90 دينار ۾ خريد ڪندُس. حضرت سرّي سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائي رهيا آهن: مان 63 دينار ۾ ئي وڪڻندُس، ٻئي هڪٻئي جا خيرخواهہ هئا جو انهن ٻنهي جو سودو ئي نہ ٿي سگهيو، گِراهڪ چاهي ٿو: دڪاندار کي نفعو پهچي، دڪاندار چاهي ٿو گِراهڪ جو ڀلو ٿي وڃي، بس انهيءَ تقرار ۾ نہ گِراهڪ بادام خريد ڪيا، نہ حضرت سِرّي سقطي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڪڻيا، آخر ڪار گِراهڪ خالي هٿين ئي واپس هليو ويو.

(احياءالعلوم،کتاب:آداب الكسب ،باب الرابع : فی بيان العدل ،جلد:2،صفحہ:102 بتغير قليل)

اُمّتِ محبوب کا یاربّ بنا دے خیر خواہ | نفس کی خاطِر کسی سے دل میں میرے ہو نہ بَیر

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ آهي ٻئي جي ڀلائي...!! ڇا اسان ايئن ڪندا آهيون؟ اسان وٽ تہ گِراهڪ ۽ دڪاندار جي جهيڙي جو موضوع ئي ڪجهه ٻيو هوندو آهي، گِراهڪ چاهيندو آهي مان 50 جي شيءِ 10 رپين ۾ خريد ڪيان ۽ دڪاندار چاهيندو آهي تہ مان 50 جي شيءِ 100 ۾ وڪڻي ڇڏيان. نہ گِراهڪ دڪاندار جي ڀلائي چاهيندو آهي، نہ دڪاندار گِراهڪ جو ڀلو سوچيندو آهي، پوءِ نتيجو ڪهڙو نڪرندو آهي؟ دوکي بازي، ماپ تور ۾ گهٽتائي، خيانت ۽ اهڙيون شيون بازار ۾ وڌي رهيون آهن، اسان جي تجارت ڏينهون ڏينهن هيٺ کان هيٺ جي طرف وڃي رهي آهي ۽ مسلمان سڄي دنيا ۾ پَستيءَ جي طرف وڌي رهيا آهن.

اسان کي هي شيون سمجهڻ گهرجن! اڄ موقعو آهي، اسان کي سڌري وڃڻ گهرجي! الله پاڪ اسان کي خريداري ۽ وڪري جي باري ۾ گناهن کان بچڻ ۽ صاف شفاف، خيرخواهي واري تجارت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## شعبہ رابطہ براءِ تاجران جو مختصر تعارف

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! نمازِ باجماعت جي اهميت ٻڌائڻ، سنّتن جي تربيت ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي مختلف شعبن ۾ ديني ڪم ڪري رهي آهي، انهن مان هڪ شعبو رابطہ براءِ تاجران بہ آهي، تجارت هڪ اهڙو شعبو آهي جيڪو هر ملڪ ۾ ڪرنگهي جي هَڏي جي حيثيت رکندو آهي، بلڪ ڪيترن ئي ملڪن جي معشيت جو دارومدار تجارت تي هوندو آهي، پر بدقسمتي سان علمِ دين کان دوري جي سبب اڄ مسلمانن جو هڪ تعداد تجارت جي اسلامي سونهري اصولن تي عمل ڪرڻ کان پري آهي. جڏهن تہ عاشقان رسول جي ديني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي تحت هي شعبو قيام عمل ۾ آيو ۞

جنهن جو ڪم تجارت جي شعبي سان وابسته ماڻهن کي تجارت جي متعلق اسلامي تعليمات کان واقف ڪرائڻ آهي، ان شعبي ۾ لڳيون ويندڙ خرابين کان بچي ڪري پاڪيزه زندگي گذارڻ جي سوچ ڏني ويندي آهي ۞ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ جي پيغام کي عام ڪرڻ ۽ انهن کي دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ڪندي، مدني مقصد جي حصول ۽ بازارن ۾ مدني ماحول بنائڻ جي لاءِ مسجد يا ڪنهن به مناسب مقام تي مدني درس ڏيڻ جو اهتمام ڪيو ويندو آهي، ۞ درس کان علاوه مختلف وقتن ۾ **تجارت ڪورسز** ڪرائڻ جو اهتمام به ڪيو ويندو آهي ۞ مدني چينل تي هڪ سلسلو **احڪام تجارت** به ٽيندو آهي، جنهن ۾ تجارت جا احڪام ٻڌايا ويندا آهن ۞ وڏين وڏين مارڪيٽن، شاپنگ مالز وغيره ۾ مدرسةُ المدينہ بالغان جو اهتمام ڪيو ويندو آهي جتي خاص طور تي وڏي عمر جي تاجرن، دڪاندارن، ڪاروباري حضرات کي فيضانِ قرآن سان روشن ۽ منور ڪرڻ جي لاءِ درست مخارج سان گڏوگڏ قرآنِ ڪريم پڙهڻ سيکاريو ويندو آهي ۞ اهلِ محبت مِل/فيڪٽري مالڪان (*Factory Owners*) کي مدني قافلن ۾ سفر جو ذهن ڏيڻ سان گڏوگڏ انهن جي تحت ڪم ڪرڻ وارن ملازمن کي به هر مهيني مدني قافلي ۾ سفر جي ترغيب ڏياري ويندي آهي ۞ فيڪٽري/ڪارخاني ۾ مسجد/ جاءِ نماز جو اهتمام ڪيو ويندو آهي ته جيئن هي عاشقانِ رسول به نمازن جي پابندي ڪري سگهن ۞ فيڪٽري/ ڪارخاني جي مسجد/ جاءِ نماز ۾ رمضان جي مهيني ۾ نمازِ تراويح جو به اهتمام ڪيو ويندو آهي ۞ تاجران کي ماهوار فيضانِ مدينہ جو مطالعو ڪرڻ سان گڏوگڏ ان جي سالانہ بڪنگ جي ترغيب ڏياري ويندي آهي ۞ تاجران کي شرعي رهنمائي جي لاءِ دارُ الافتاء اهلِ سنّت سان مربوط رهڻ جو ذهن ڏنو ويندو آهي ۞ تاجران کي مارڪيٽن، شاپنگ مالز وغيره ۾ جزوقتي فيضانِ نماز ڪورس ڪرڻ جي به ترغيب ڏياري ويندي آهي ته جيئن پنهنجا

ڪم ڪار ۽ وقت جي سهولت جي مطابق فيضانِ نماز ڪورس ڪري پنهنجي نماز درست ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! قربان وڃو! شيخِ طريقت اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي حڪمت، سندن جي اعلٰي سوچ، علم ۽ مهارت تي جو سندن هن پُرفتن دور ۾ نيڪ بڻجڻ ۽ گناهن کان بچڻ جو ناياب نسخو عطا فرمايو آهي يعني 72 نيڪ اعمال، هن ۾ سڀ کان پهريون نيڪ عمل هي آهي: ڇا اڄ توهان ڪجهه نه ڪجهه جائز ڪمن کان پهريان گهٽ ۾ گهٽ هڪ هڪ چڱي نيّت ڪئي؟

جيڪڏهن اسان صرف ان هڪ نيڪ عمل کي استقامت سان اپنايون ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جي برڪت سان دل پاڪ ٿيندي، دل مان دنيا جي محبت نڪرندي ۽ الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ جو ذهن به بڻجي ٿي ويندو. هاڻي اندازو لڳايو! هي 72 مان صرف هڪ نيڪ عمل تي استقامت جي برڪت آهي، جيڪڏهن اسان پوري 72 نيڪ اعمال کي پنهنجي زندگي ۾ نافذ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون ته ان جون ڪيتريون برڪتون نصيب ٿينديون؟

نيّت ڪيو! اسان 72 نيڪ اعمال واري ديني ڪم کي زندگي ۾ نافذ ڪنداسين. ان جي لاءِ 72 نيڪ اعمال جو رسالو مڪتبةُ المدينہ کان طلب ڪيو، ان کي پاڻ وٽ رکو، روزانو وقت مقرر ڪري ان جا خانا پُر ڪري اتان جي ذميدار کي جمع ڪرايو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون ڪوڙ برڪتون نصيب ٿينديون.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي آئي، ٽي ڊيپارٽمنٽ نيڪ اعمال **(NaikAmal)**

موبائل ايپليڪيشن بہ جاري ڪري ڇڏي آهي، هي ايپليڪيشن ڊاؤن لوڊ ڪري ونو، ان جي ذريعي روزانو پنهنجي اعمال جو جائزو ونو، غور ۽ فڪر سان ان جا خانا پُر ڪيو ۽ ڪارڪردگي جمع ڪرايو. هي ايپليڪيشن پاڻ بہ ڊاؤن لوڊ ڪيو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو. اچو! نيڪ اعمال اپنائڻ جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## ٻار جو شوقِ عبادت

الحمد لله! دعوتِ اسلامي ***Special Persons*** (سپيشل پرسنز) يعني گونگن ٻوڙن، نابين اسلامي ڀائرن ۾ بہ نيڪي جي دعوت عام ڪندي آهي، هڪ ڀيري ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاء اشارن جي زبان **(Sign Language)** ۾ بيان ڪندي چيو: جيڪو ڪثرت سان عبادت ڪندو ۽ نوافل پڙهندو آهي، الله پاڪ ان کي پسند فرمائيندو آهي. ان اجتماع ۾ هڪ ٻار پنهنجي والد صاحب سان گڏ آيل هو، هي ٻار گونگو هو، مبلغ اسلامي ڀاءُ جو بيان ان جي دل تي اثر ڪري ويو، بهرحال بيان کان بعد جڏهن آرام جو وقفو ٿيو تہ رات جو تقريباً 2 وڳي ڏٺو ويو تہ اهو ئي ٻار نوافل پڙهڻ ۾ مصروف آهي، ان کان پڇيو ويو تہ آڌي رات جو نوافل ڇو پڙهي رهيو آهين، چيائين: مان الله پاڪ جو پسنديده ٻانهو ٻڻجڻ چاهيان ٿو. بعد ۾ ان ٻار جي والد صاحب ٻڌايو: اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! منهنجو پٽ نيڪ اعمال تي عمل ڪندو آهي، پنج ئي نمازون پڙهندو آهي ۽ ان جي برڪت سان گهر وارا نمازي ٻڻجي ويا آهن.

مدنی انعامات کی بھی مرحبا کیا بات ہے | قُربِ حق کے طالبوں کے واسطے سوغات ہے

نوٽ: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ هاڻي مدني انعامات کي نيڪ اعمال چيو ويندو آهي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو:

مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ

جنھن منھنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنھن مون سان محبت ڪئي اھو جنّت ۾ مون سان گڏ ھوندو.

(تاريخ دمشق، جلد:9، صفحه:343)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## قيمت (Rate) گھٽ ڪرائڻ سنّتِ مصطفٰي آھي

فرمانِ آخري نبي، رسولِ ھاشمي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: الله پاڪ ان شخص تي رحم فرمائي جيڪو وڪڻڻ ۽ خريد ڪرڻ ۾ آساني ڪري.

(مسند ابی یعلٰی، جلد:5، صفحه:195، حديث:6824ملتقطاً)

اي عاشقانِ رسول! ڪا بہ شيءِ خريد ڪرڻ وقت قيمت گھٽ ڪرائڻ سنّت آھي. (مرآة المناجيح، جلد:4، صفحه:304بتغير قليل) ❁ اعلٰي حضرت، امام اھلِ سنّت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: قيمت (يعني *Rate* ۾ گھٽتائي) جي لاءِ حجّت (يعني بحث ۽ تڪرار) ڪرڻ بھتر آھي بلڪ سنّت آھي. (فتاوٰی رضويه، جلد:17، صفحه:128) ❁ ھڪ ڀيري سُوَيد بن قيس رَضِیَ اللهُ عَنْه ڪپڙا ڪٽي ڪري مڪي شريف ۾ آيا تہ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن انھن کان ڪجھ ڪپڙا خريد ڪيا. حضرت سُوَيد بن قيس رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: مصطفٰي ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اسان کان قيمت طئي ڪئي، ڪجھ گھٽ ڪرائي، آخر ۾ اھو ڪپڙو خريد ڪيو. (ابو داود، ڪتاب:البيوع، باب:الرجحان فی الوزن، صفحه:536، حديث:3336) ❁ امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪمزور (مثال طور پوڙھي) يا فقير (يعني غريب ۽ محتاج) کان شيءِ خريد ڪري تہ ان تي آساني ڪندي ان کان مھانگي شيءِ خريد ڪري، ھي نيڪي جو ڪم آھي. (اِحْيَاءُ الْعُلوم مترجم، جلد:2، صفحه:313بتغير قليل) ❁ ڪجھ

خريدار ريٽ گھٽ ڪرائڻ جي لاءِ ۽ دڪاندار ريٽ گھٽ نہ ڪرڻ جي لاءِ ڪوڙ ڳالھائيندا بلڪ ڪجھ تہ ڪوڙا قسم بہ کڻي وٺندا آھن، ھي گناھ ۽ حرام ۽ جھنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آھي.

ڪاش! اسان خريد و فروخت ۽ ٻين تمام معاملن ۾ شريعت جا پيروڪار ۽ سنّت جا آئينہ دار بڻجي وڃون.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِيۡن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِيَہ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙھو، سنّتن سکڻ جو ھڪ بھترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آھي.

سادگی چاہیے، عاجزی چاہیے
عاشِقانِ رسول، آئے سُنّت کے پھول

لینے یہ نعمتیں، قافلے میں چلو
دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

(وسائل بخشش، صفحہ:671)

اللہ پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِيۡن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد